پارن لاء بائبل

تحفو

# مصرف پٹ



لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Lazarus
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Ruth Klassen; Sarah S.

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين توهان ان کي وڪرو نٿا ڪريو.



يسوع ماڻهن کي خُدا جي
بخشش بابت ٻڌائڻ پسند ڪيو.
پر يهودي اڳواڻن گنهگارن
سان سندس دوستي جي
شڪايت ڪئي. تنهن ڪري
يسوع ٿي ڳالهيون ٻڌايون ته
اهو ڏيکاري ٿو ته خُدا خوش
ٿئي ٿو جڏهن گنهگار پنهنجن
گناهن لاء معافي گهورن ٿا.



پهرين ڪهاڻي هڪ
سؤ رڍن واري ماڻهو
جي هئي. هڪ رڍ گم
ٿي وي. ڌنار هڪدم
نوانوي کي ڇڏيو ۽ گم ٿيل
رڍ کي ڳولڻ لاءِ
نڪري ويو.



ٻنار رڍ کي ڳولهيندو
رهيو جيستائين رڍ نه ملي.
پوءِ هن ان کي پنهنجي
ڪلهن تي رکيو ۽ خوشيءَ
سان گهر کڻي ويو. هن
پنهنجن دوستن کي چيو ته
"مون سان گڏ خوش ٿيو،

چالاءِ جو مون کي پنهنجي
گم ٿيل رڍ ملي آهي."

يسوع وضاحت
ڪئي ته هڪ
گنهگار جيڪو توبه
ڪري ٿوته جنت ۾
وڏي خوشي ٿئيء
ٿي. توبه ڪرڻ جو
مطلب آهي اسان
جي گناهن لاءِ
معافي وٺڻ. ۽ گُناهه
ڇڏڻ لاءِ آهي.





يسوع جي ايندژ
ڪهاڻي هڪ عورت
جي باري ۾ هئي
جنهن وٽ ڏهه چاندي
جا سڪا هئا، شايد
هن جي سڄي زندگي
جي بچت. هڪ
خوفناڪ واقعو ٿيو.
هوءَ پنهنجو هڪ
سڪو وڃائي ويٺي.

صاف
ڪريو!
صاف
ڪريو!

صاف ڪريو! عورت هر طرف ڏٺو. هُن
عورت سڄي گهر جي صفائي ڪئي ۽ سپني
جڳهن تي ڳولهيوآخرڪار هن کي گم ٿيل سڪو
مليو. هوءَ ڏاڍي خوش هئي. ڇا توهان اندازو
لڳائي سگهو ٿا ته هن ڇا ڪيو؟ ها، هن
سپني دوستن
کي ٻڌايو.





وري يسوع
چيو تہ "خُدا
جي ملائڪن
جي حضور ۾
خوشي ٿئي ٿي
هڪڙي گنهگار
تي جيڪو توبهه
ڪري ٿو."

ٿين ڪهاڻي جيڪا يسوع ٻڌائي
هئي اها تمام ڏکائيندڙ هئي. اهو
هڪ ڇوڪري بابت ڳالهائيندو
هو جيڪو پنهنجي پيء
جو گهر ڇڏي ويو.



هڪ ڏورانهين ملڪن ۾ چوڪري پنهنجو پئسو بيوقوفيءَ سان
خرچ ڪيو. هاڻي هو ڪري به ڇا ٿو سگهي؟ حالات اهڙا
خراب ٿياجو هُن کي، ڏڪار جهڙي وقت کي مُنهن ڏئيڻو
پئيجي ويو. چوڪرو بک
مري سگهيو ٿي.



بک کان بيزار، چوڪرو سوئرڪي ڪارائڻ جو ڪم مليو. پر
ڪنهن به ڪيس ڪاڌو نه ڏنو. سوئرڻ جو ڪاڌو به خوشيءَ سان
ڪائيندو هوندو. شايد هن اهيو ڪيوهوندو! آخر چوڪرو هوش
۾ آيو. هن سوچيو "ته هن جي گهر نوڪر
به چڱيءَ طرح ماني کائي ٿو".





مان گهر وڃي پيءُ
کي ٻڌايان ٿو ته مان
پنهنجي گناهن لاءِ
معافي وٺان ٿو، مان
هاڻي سندس پٽ ٿيڻ
جي لائق نه آهيان،
اميد اٿم ته هو مون
کي نوڪر بڻائيو
رکي ڇڏيندو.

جڏهن چوڪرو اچا گهر کان پري هو ته سندس پيءُ کيس
ايندي ڏٺو. پيءُ خوشيءَ سان موٽي اچي پنهنجي پٽ ڏانهن
ڊوڙيو. هن چوڪري کي چميو،
۽ هن کي ڀاڪر پاتو.





اي بابا، مون گناهه ڪيو آهي،
مان تنهنجو پٽ سڏائڻ جي
لائق نه آهيان. چوڪري
پنهنجي پيءُ کان پڇڻ گھريو
ته هو ڪيس نوڪر ڪري
رکي. پر بابا مداخلت ڪئي.
منهنجي پٽ لاءِ بهترين
پوشاڪ، جوتا ۽ هڪ انگو
ڪڻي اچو. ۽ هڪ عظيم
ضيافت لاء تياري ڪريو.

اُتي هڪ شاندار ضيافت هئي چاڪاڻ ته
پٽ جيڪو گم ٿي ويو هو مليو هو.
يسوع هن ڪهاڻي کي ٻڌايو
چاڪاڻ ته اهو ڏيکاري ٿو
ته ڪيئن خُدا گناهگارن
کي حاصل ڪرڻ سان
پيار ڪندو آهي
جيڪي توبه
ڪن ٿا ۽ هن
وٽ اچن ٿا.



# مصرف پٽ

## خُدا کان ھڪ ڪھاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آھي

## لوقا 15

"تنھنجي ڪلام جو مطالعوسوجھرو ڏيئي."
زبور 119: 130

# ختم

45

60

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين کي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽ گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوءِ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽ منهنجي گناهن لاءِ مري ويوءِ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيءَ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڑهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.